بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

# سِنڌي ڪتاب

٣

## استادن لاءِ رهبر

اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

# تعارف

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي. جنهن وٽ هڪ وسيع ادبي ۽ علمي ورثو موجود آهي. سنڌي ٻولي کي مادري ٻولي طور پڙهائڻ هڪ اهم تعليمي عمل آهي. جنهن لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جديد تعليمي تحقيق ۽ عالمي معيارن جي بنياد تي سنڌي نصاب کي ترتيب ڏنو ويو آهي.

اوڪسفرڊ پاران تيار ڪيل سنڌي ڪتابَ ٻارن جي پنهنجي ٻولي ۽ انهن جي آس پاس جي ماحول کي ڌيان ۾ رکنديلکيا ويا آهن. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ٻارن جي مادري يا گهٽي استعمال ٿيندڙ ٻولي آهي، تنهنڪري هيءَ ٻوليءَ جي تدريس استادن لاءِ بہ وڏيڪ اثرائتي ۽ ڪارائتي ثابت ٿيندي رهي آهي. انهن ڪتابن ۾ ٻولي سيکارڻ وقت ٻارن جي فڪري، لساني ۽ سماجي واڌ ويجهہ کي خاص ڌيان ۾ رکيو ويو آهي.

ٻولي سکيا جي عمل ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي، جو تہ اها رابطي، سمجهہ ۽ تنقيدي سوچ جي واڌ ويجهہ ۾ مدد ڪري ٿي. ٻولي سيکارڻ جو عمل ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سان شروع ٿيندو آهي، جڏهن تہ پڙهڻ ۽ لکڻ جون مهارتون گڏوگڏ ترقي وٺن ٿيون. ٻار اسڪول اچڻ کان اڳ ئي ڳالهائڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهن ڪري استاد لاءِ ضروري آهي تہ هو ٻارن کي اڳ ئي سکيل ٻولي استعمال ڪرڻ جا ڀرپور موقعا ڏئي. سنڌي پڙهائيندڙ استاد لاءِ رڳو ٻولي ڳالهائڻ ڪافي ناهي، پر سٺي، معياري ۽ صاف سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ اکر لکڻ پڻ لازمي آهي. استاد جو آواز نرم، انداز اثرائتو ۽ لهجو ٻارن جي عمر مطابق هئڻ گهرجي. هو اڳواٽ تياري سان، آسان ۽ اخلاقي ٻولي استعمال ڪري، ٻارن کي شاباس ڏئي ۽ سندن ڳالهائڻ جي همت افزائي ڪري. ڪلاس ۾ ٻارن کي ڳالهرائڻ لاءِ استاد سبق ٻڌائڻ کان پوءِ ورجاءُ ڪرائي، سبق يا ڪهاڻيءَ جو خلاصو پڇي، سوال ڪري ۽ ٻارن کان پنهنجي راين جو اظهار ڪرائي، جيئن ٻوليءَ جي سکيا وڌيڪ مؤثر ۽ اثرائتي بڻجي سگهي.

اوڪسفرڊ جي سنڌي نصاب ۾ ٻوليءَ جون بنيادي مهارتون، جهڙوڪ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ، سمجهڻ وغيره. منظم نموني سان ڏاهيو ويو آهي. گڏوگڏ، انهن مهارتن کي حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب تدريسي طريقا بہ شامل ڪيا ويا آهن. استادن جو هي رهنما ڪتاب پهرئين کان پنجين درجي تائين سنڌي ڪتابن سان ڳنڍيل آهي ۽ سيني درجن ۾ ٻولي سيکارڻ لاءِ هڪجهڙو ۽ مربوط طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن سان ٻارن جي سکيا ۾ تسلسل برقرار رهي ٿو.

’سنڌي ڪتاب ٣‘ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اهتمام هيٺ تيار ڪيو ويو آهي، ۽ ان ڪتاب جي بنياد تي استادن لاءِ هي رهنما ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي، تہ جيئن استاد ڪلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مؤثر، معنيٰ خيز ۽ ٻارن دوست تدريس ڪري سگهن.

# فهرست


| سبق | عنوانُ | سنڌي | اردو |
|---|---|---|---|
| سبق ۱ | حمد | ۱ | ۵۷ |
| سبق ۲ | سيرت مبارڪ صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَعلىٰ آلِهٖ وَاَصحابِهٖ وَسَلَّم | ۳ | ۵۹ |
| سبق ۳ | نَعَت | ۵ | ۶۲ |
| سبق ۴ | قومي جهنڊو | ۷ | ۶۴ |
| سبق ۵ | وَتائَي فَقيرَ جُون ڳالهِيُون | ۹ | ۶۶ |
| سبق ۶ | پوپٽ (نظم) | ۱۱ | ۶۸ |
| سبق ۷ | سِنڌي ٽوپِيءَ جو هُنُر | ۱۴ | ۷۱ |
| سبق ۸ | قُدرتي آفَت "زِلزِلو" | ۱۶ | ۷۳ |
| سبق ۹ | پورهيت پنهنجي مُلڪ جا | ۱۸ | ۷۵ |
| سبق ۱۰ | پَنهنجو ديسُ آ پاڪستانُ (نظم) | ۲۰ | ۷۷ |
| سبق ۱۱ | سَال جُون مُندُون | ۲۲ | ۷۹ |
| سبق ۱۲ | عيد جو ڏهاڙو | ۲۴ | ۸۱ |
| سبق ۱۳ | پاڙيسري ملڪن سان ناتا | ۲۶ | ۸۳ |
| سبق ۱۴ | محنت (نظم) | ۲۸ | ۸۵ |
| سبق ۱۵ | شاهه عبداللطيف ؒ جو پيغام | ۳۰ | ۸۷ |
| سبق ۱۶ | وڏي ياءُ ڏانهن خطُ | ۳۲ | ۸۹ |
| سبق ۱۷ | مَان آهِيَان مَوبَائِيل فَون | ۳۴ | ۹۱ |
| سبق ۱۸ | رَاندِ رَچَايُون (نظم) | ۳۶ | ۹۳ |
| سبق ۱۹ | رستن تي هلڻ جا قاعدا | ۳۸ | ۹۵ |
| سبق ۲۰ | ٻارَن جو عَالَمي ڏهاڙو | ۴۰ | ۹۷ |
| سبق ۲۱ | ڪوٽ ڏِيجي قِلعَي جو سَير | ۴۳ | ۹۹ |
| سبق ۲۲ | سُهڻي صَلاحَ (نظم) | ۴۵ | ۱۰۱ |
| سبق ۲۳ | مَلاکڙو رانڊِ | ۴۷ | ۱۰۳ |
| سبق ۲۴ | شِينهُن ۽ ڪُوئُو (تصويري ڪهاڻي) | ۴۹ | ۱۰۵ |
| سبق ۲۵ | وڏن جي عزت ۽ احترام | ۵۱ | ۱۰۷ |
| سبق ۲۶ | وَڻَ ۽ ٻُوٽَا | ۵۳ | ۱۰۹ |
| سبق ۲۷ | ٽِڪُو (مزاحيا نظم) | ۵۵ | ۱۱۱ |

# سبق پهريون

## حمد

## سکيا جي حاصلات:

- نظم سُر ۽ لئه سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.
- ٻاراڻا نظم، سُر ۽ لئه سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري سگهي، ۽ ان جي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- نظم مان پنهنجي پسند جي شعر جو مفهوم لکي سگهي.
- لفظن جا ضد ڳولهي سگهي.

## امدادي سامان:

سنڌي ڪتابُ ٽيون (٣)، صفحو نمبر ١ ۽ ٢

## سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي سنڌي ٽئين ڪتاب جو تعارف ڪرائي. ان ڪانپوءِ ڪتاب جي صفحي نمبر ١ تي ڏنل سبق "حمد" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو پهريون سبق پڙهندا. (نئين لفظن جي معنيٰ صفحي ٨٥ تي ڏسو.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ٻڌائي تہ حمد الله تعاليٰ جي تعريف ۾ چيل نظم کي چئجي ٿو. هاڻي حمد کي چٽي اُچار سان، وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئه سان پڙهڻ شروع ڪريو. ڌيان ڏيو تہ ان ئي سُر ۽ لئه سان شاگرد پڙهي رهيا آهن ۽ لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن.
- حمد پڙهڻ کانپوءِ زباني سوال ڪريو: هي حمد ڪنهن جو لکيل آهي؟ شاعر الله تعاليٰ جي ڪيئن ساراهہ ڪئي آهي؟

## لفظن جا ضد پڙهايو:

بورڊ تي لکو "خوش" ۽ شاگرد کان پڇا ڪريو تہ ان لفظ جو ضد ڇا ٿيندو؟ جواب وٺڻ کانپوءِ سمجهاڻي ڏيو تہ:

ضد انهن لفظن کي چوندا آهن، جن جو مطلب بلڪل ابتڙ (الٽو) هجي.

جيئن:

وڏو–ننڍو

سٺو–خراب

ڏينهن–رات

گرم–ٿڌو

## مشق:

(الف) بيت جو مڪمل سٽون

١. جو ٿو ٿڏڙا مينهن وسائي، ٢. عرش ۾ جو تارا ٽمڪائي،

٣. تنهن مالڪ کي سڀ ساراهيون. ۴. گيت ڏڻيءَ جا ڳڏجي ڳايون.

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

سوال ١. مينهن ڪير وسائيندو آهي؟

جواب: مينهن ڌڻي يعني اسان جو مالڪ الله سائين وسائيندو آهي.

سوال ٢. باغن ۾ انبَ ڪير پچائيندو آهي؟

جواب: باغن ۾ انب پڻ اسان جو الله پچائيندو آهي.

سوال ٣. عرش ۾ تارا ڪير ٽمڪائيندو آهي؟

جواب: عرش ۾ تارا ٽمڪائيندڙ پڻ الله سائين آهي.

سوال ۴. حمد مان پنهنجي پسند جي هڪ شعر جو مطلب لکو.

جواب: (شاگرد پنهنجي پسند جي حساب سان ڪنهن هڪ شعر جي سمجهاڻي پنهنجي لفظن ۾ لکندا)

(ج) لفظن جا ضد.

| لفظ | مِٺو | زمين | هيٺ | سَنهو |
|---|---|---|---|---|
| ضد | ڪڙو/ٻاڙو | آسمان | مٿي | ٿُلهو |

(د) ڌڻيءَ جي ساراهه ۾ ڪي ٻه جملا لکو. (ٻار ڪي ٻه جملا لکي سگهن ٿا)

١. ڌڻي (الله سائين) پنهنجي ناهيل هر ساهواري جو خيال رکندو آهي.

٢. هو سيني سان اولاد جيان پيار ڪري ٿو.

## سرگرمي.

صفحي نمبر ٢ تي ڏنل سرگرمي ٻارن کي ڪتاب مان پڙهي ٻڌايو. جڏهن ٻارَ سرگرمي ڪن تہ توهان نگراني ڪريو. جتي ڪين مدد جي ضرورت هجي، اُتي رهنمائي ڪريو.

## سبق ٻيون

## سيرت مبارڪ صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم

### سکيا جي حاصلات:

- اسم جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي.
- چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.
- چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٽوڙي بيان ڪري سگهي.
- ڏهن کان پندرنهن جملن واري سادي عبارت پڙهي سمجهي سگهي
- عددي رتبا جي ڄاڻ موجب هڪ- ٻه- ٽي- ۽ پهريون- ٻيون- ٽيون جو فرق سمجهي سگهي.
- امدادي سامان: چاڪ، بورڊ، ٽيون سنڌي ڪتابُ ٣، صفحو نمبر ٣-٤-٥

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٣ تي ڏنل سبق ”سيرت مبارڪ صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو ٻيون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٥ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي، جيڪڏهن شاگرد جواب نہ ڏئي سگهن تہ سبق پڙهائڻ کانپوءِ ساڳيا سوال ڪري.
- استاد چٽي اُچار ۽ وڏي آواز سان سبق پڙهڻ شروع ڪري. ڌيان سان ڏسو تہ شاگرد پڙهڻ دوران لفظن کي صحيح اُچاري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻارُ سبق جو ڪو بہ لفظ صحيح نہ اُچاري سگهي يا هَبڪ ٿئي تہ استاد اُهو لفظ ڪيس صحيح پڙهائي.
- زباني تفهيمي سوال: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم ننڍپڻ ۾ ڪيئن هئا؟ ڪين ٻين جي مدد ڪرڻ وقت ڪيئن محسوس ٿيندو هو؟
- پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم ڪم بابت ڇا چيو؟ پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي امڙ جي وفات کانپوءِ سندن پرورش ڪنهن ڪئي؟
- جواب وٺڻ کانپوءِ حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم بابت ٻارن کي سادن لفظن ۾ ٻڌايو. اهڙي ريت ٻارن کي سبق ۾ ڏنل تصوير بابت بہ ٻڌايو.

## مشق:

(الف) هيٺ ڏنل جملن کي لڪير جي مدد سان مڪمل ڪريو

| | |
|---|---|
| ١. ڄمڻ کانپوءِ ڪين دائي | عارُ نہ ڪريون. |
| ٢. پاڻ ڪان ننڍن سان | هٽ سان ڪائيندا پيئندا هئا. |
| ٣. پاڻ سدائين ساڃي | پيار ڪندا هئا |
| ٤. اسان بہ محنت ۽ مزدوري ڪان | بيبي حليما جي حوالي ڪيو ويو. |

(ب) سوالن جا جواب:

سوال ١ جو جواب : پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم عربستان جي مڪي شهر ۾ ڄاوا.

سوال ٢ جو جواب: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي والد جو نالو حضرت عبدالله هو.

سوال ٣ جو جواب: پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي اَمڙ جو نالو بيبي آمنہ هو؟

سوال ٤ جو جواب: پاڻ سڳوراصَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم ننڍپڻ ڪان وٺي محنت ۽ پورهيو ڪندا هئا.

(ق) پهريان اسم پڙهايو. پوءِ اسم لکرايو.

١. ڳوٺ ٢. شهر ٣. ندي ٤. لڪڻ ٥. بيماري ٦. شاھ عبداللطيف ڀٽائي.

(د) پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم بابت ڪي بہ چار جملا لکو.

● پاڻ سڳوراصَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم غريبن جي مدد ڪندا هئا. ●ننڍن سان پيار ڪندا هئا. ●وڏڙن جو احترام ۽ ادب ڪندا هئا. ●ڪم ڪرڻ ڪان ڪڏهن بہ عارُ محسوس نہ ڪندا هئا.

(ھ) هڪ کان ڏھ تائين انگ.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| پهريون | ٻيون | ٽيون | چوٿون | پنجون |
| ڇهون | ستون | اٺون | نائون | ڏهون |

سرگرمي: لفظ پڙهو ۽ انهن کي اکرن ۾ ٽوڙيو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| الله | ا | ل | ل | ه |
| محمد | م | ح | م | د |
| آمنہ | ا+ا | م | ن | ه |
| رسول | ر | س | و | ل |
| مسجد | م | س | ج | د |
| حليمہ | ح | ل | ي | م+ه |

## سبق ٽيون

## نعت

### سکيا جي حاصلات:

- چئڻ يا ٻڌڻ کان وڌيڪ پڙهڻ وارن لفظن کي جوڙي بيان ڪري سگهي.
- نثر ۽ نظم ۾ فرق سمجهي، درست ادائگيءَ سان پڙهي سگهي.
- نظم سُر ۽ لئه سان ٻڌائي سگهي.
- واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد ٺاهي سگهي.

### امدادي سامان:

سولي سنڌي ڪتابُ ٣، صفحو نمبر ٦ - ٧ ۽ ٨

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦ تي ڏنل سبق "نعت" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ٽيون سبق نعت پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٥ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي، جيڪڏهن شاگرد جواب نه ڏئي سگهن ته سبق پڙهائڻ کانپوءِ ساڳيا سوال ڪري.
- استاد سُر ۽ لئه سان نعت وڏي آواز سان پڙهڻ شروع ڪري. اهڙو سُر ۽ لئه جوڙو جيئن ٻارَ به ساڳي انداز ۾ پڙهن. هڪ ڀيرو استاد پڙهائڻ کانپوءِ شاگردن کي به هدايت ڪري ته هو گڏجي سُر ۽ لئه سان نعت پڙهن.
- هي نعت پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي شانَ ۾ لکيل آهي. شاعر مقصود گل پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم تي نعت ۾ چئي ٿو ته اسان کي سچ جو رستو ڏيکارڻ وارو، ڪمزورن کي همٿ ڏيڻ وارو، مسڪينن سان محبت ڪرڻ وارو، سيني سان ٻاجهه سان هلڻ وارو، توڙي رنگ، نسل ذات پات جا فرق ختم ڪرڻ وارو پاڻ سڳور صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم آهي. اڳتي لکي ٿو ته محشر يعني قيامت ۾ سيني کي پڻ بخشائڻ وارو اسان جو پيارو نبي آهي.

صفحي نمبر ٨ تي ڏنل ڳالهه ٻارن کي پڙهي ٻڌايو.

### مشق:

(الف) ڏنل شعر جون مڪمل سٽون.

١. آيو اونداهي دُنيا ۾، حق جي جوت جلائڻ وارو.

٢. مجبورن ۽ مظلومن کي پيار ڏئي پرچائڻ وارو.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

۳. ذاتِ، قَبيلي، رنگ، نسل جا، سارا فرق مٽائڻ وارو

۴. حامي هادي مير محمد، مولا ساڻ ملائڻ وارو

(ب) سوالن جا جواب:

سوال ۱ جو جواب: هن نعت ۾ شاعر حق جي راهه ٻڌائڻ وارو پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم کي چئي ٿو.

سوال ۲ جو جواب: انسانن کي عظمت اسان جي پياري نبي بخشي آهي.

سوال ۳ جو جواب: ذات، رنگ نسل، ۽ قبيلي جا فرق اسان جي پياري مِٽايا آهن.

سوال ۴ جو جواب: محشر ۾ اُمتَ کي سڳورا حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم بخشرائيندا.

(ج) اکر جوڙي لفظ ناهڻ.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ا | ل | ف | ت | | الفت |
| پ | ي | ا | ر | | پيار |
| ا | ن | س | ا | ن | انسان |
| ع | ظ | م | ت | | عظمت |
| م | ج | ب | و | ر | مجبور |

(د) واحد ۽ جمع

واحد

| واحد | جمع |
|---|---|
| پاءُ، چادر، مسجد | برڪتون، ٽوپيون، مَينهون |

(د) پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم کي ڪهڙيون عادتون پسند هيون: ۱ پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم سدائين پنهنجو ڪم پاڻ ڪندا هئا ۽ محنت مزوري پنهنجي هٿن سان ڪرڻ فرمائيندا هئا. ۲ پاڻ سمورا ٽورو ڪائيندا هئا.

## سرگرمي

ٻن ٻن ٻارن جا جوڙا ناهيو. ڪين تياري لاءِ ۲ منٽ ڏيو ۽ ڪين چئو ته هو جوڙن ۾ پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّمجي صفتن، خوبين تي پنهنجي پنهنجي ڪرسي وٽان ئي سڄي ڪلاس کي ٻڌائن.

جيڪا جوڙي وڌيڪ ڀلي نموني سان ڳالهه ٻولهه ڪري انهن کي شاباس چئو ۽ آخر ۾ سيني ٻارن جي ساراهه ڪريو.

## سبق چوٿون

### قومي جهنڊو

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت ۾ آيل نون لفظن کي ٻڌي درست اچاري سگهي.
- ڏهن کان پندرنهن جملن واري سادي عبارت کي پڙهي سمجهي سگهي.
- نثر پڙهي سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.
- مذڪر لفظن جا مؤنث ۽ مؤنث لفظن جا مذڪر ٺاهي سگهي.
- موقعي جي مناسبت سان پنهنجن خيالن جا اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٩-١٠ ۽ ١١

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٩ تي ڏنل سبق ”قومي جهنڊو“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جوچوٿون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٥ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهڻ شروع ڪري. شاگردن کي به ساڳي انداز ۾ پڙهن. هڪ ڀيرو استاد پڙهائڻ کانپوءِ شاگردن کي به هدايت ڪري ته هو گڏجي سبق پڙهن.
- هي سبق قومي جهنڊي جي باري ۾ آهي. دنيا جي هر ملڪ وٽ هڪ جهنڊو هوندو آهي. جهنڊو هر قوم جي ملڪ جي سڃاڻپ هوندو آهي. پاڪستان جو جهنڊو سائي ۽ اڇي رنگ جو ٺهيل آهي. ان تي چنڊ ۽ تارو به ٺهيل آهي. اسان جي ملڪ جو جهنڊو قائداعظم جي هدايت تي اميرالدين قدوائيءَ ملڪ جي ٺهڻ کان صرف ٽي ڏينهن اڳ تيار ڪيو هو. قومي جهنڊي ۾ سائو حصو ملڪ جي مسلمان آباديءَ جي نمائندگي ڪري ٿو. جڏهن ته اڇو حصو پاڪستان جي اقليتن (ٿورڙائي مذهبن جي ماڻهن) جي نمائندگي ڪري ٿو. اڇو رنگ پاڪيزگي، امن ۽ محبت به ظاهر ڪري ٿو.
- شاگردن کان پڇو ته هو پاڪستان جو قومي ڏينهن يوم آزادي ڪيئن ملهائيندا آهن. ان کانپوءِ مذڪر ۽ مؤنث لفظن ۾ فرق به سمجهايو.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## مشق:

(الف) خالي جاين کي ڀريو.

١. ١١ آگسٽ ١٩٤٧ع ٢. چنڊ جو نشان ٣. پنجن ڪنڊن واري تاري ۴. قومي جهنڊي جو احترام

(ب) سوالن جا جواب:

١. پاڪستان جو جهنڊو سائي ۽ اڇي رنگ جو ٺهيل آهي.

٢. قومي جهنڊي تي چنڊ ۽ تاري جو نشان ٺهيل آهي.

٣. جهنڊي ۾ سائو رنگ ملڪ جي مسلمان آباديءَ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ ملڪ جي اسلامي ورثي، ثقافت ۽ روايتن کي بہ ظاهر ڪري ٿو.

۴. اڇو حصو پاڪستان جي اقليتن (ٿورڙائي مذهبن جي ماڻهن) جي نمائندگي ڪري ٿو. اڇو رنگ پاڪيزگي، امن ۽ محبت بہ ظاهر ڪري ٿو.

## قواعد:

(ج) مذڪر لفظن جا مؤنث ۽ مؤنث لفظن جا مذڪر.

| مذڪر | مرد | گهوٽ | ماڪوڙو | پولڙو | مامو | ڏيڳو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مؤنث | عورت | ڪنوارِ | ماڪوڙي | پولڙي | مامي | ڏيڳي |

(د) قومي جهنڊي جي باري ۾ ڪي بہ چار جملا لکو:

١. پاڪستان جو قومي جهنڊو سائي ۽ اڇي رنگ جو آهي.

٢. سائو حصو مسلمانن جي نمائندگي ڪري ٿو.

٣. اڇو حصو اقليتن جي نمائندگي ڪري ٿو.

۴. جهنڊي ۾ اڇو چنڊ ۽ تارو بہ ٺهيل آهي.

## سرگرمي:

- چار چار شاگرد جا ٽولا يا گروپ ٺاهيو. جهنڊي ۾ رنگ ڀري پوءِ گروپن ۾ قومي جهنڊي بابت راءِ ڏيڻ جو چئو. جيڪا ٽولي وڌيڪ سٺي نموني سان رنگ ڀري ۽ راءِ ڏئي انهن جي سڄي ڪلاس اڳيان ساراهہ ڪريو.

# سبق پنجون

## وتائي فقير جون ڳالهيون

### سکيا جي حاصلات:

- لطيفا، ٽوٽڪا ۽ پروليون پڙهي، انهن جو مطلب سمجهي سگهي.
- هڪ منٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٦٠ لفظ درست ادائگيءَ اُچار سان پڙهي سگهي.
- آکاڻيون، واقعن ۽ نظمن ۾ ڏنل متن جوجب سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن به موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج کان ست سادا جملا لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ١٢، ١٣، ١٤ ۽ ١٥

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١٢ تي ڏنل سبق” وتائي فقير جون ڳالهيون“ کولڻ جي هدايت ڪري. (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٥ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي. شاگردن کان اِهو بہ پڇو تہ ڇا هنن ڪڏهن وتائي فقير جي باري ۾ پڙهيو آهي، انهن ڪهڙيون ڳالهيون پڙهيون آهن.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهڻ شروع ڪري. شاگردن کي بہ ساڳي انداز ۾ پڙهن. هڪ ڀيرو استاد پڙهائڻ کانپوءِ شاگردن کي بہ هدايت ڪري تہ هو گڏجي سبق پڙهن.
- هيءُ سبق هڪ ڏاهي ۽ دانشور وتائي فقير جي باري ۾ آهي. سندس اصل نالو وتن مل هو پوءِ اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيو. ننڍپڻ کان سادي زندگي گذاريندو. سندس ڳالهين ۾ يوڳ چرچن سان گڏ ڏاهپ بہ هوندي هئس. هو ڪڏهن ڪڏهن اهڙا سوال ڪري يا اهڙي ڳالهہ چوندو جو ماڻهو کلندا بہ هئا ۽ سوچيندا بہ هئا. سندس گفتن مان سبق ملي ٿو تہ غرور نہ ڪجي، دل صاف رکي انسانيت جي خدمت ڪجي.
- شاگردن کان پڇو تہ هو وتائي فقير جي ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌائن، جيڪا سبق ۾ شامل ناهي.
- شاگردن کي سبق هڪ ڀيرو ٻيهر پڙهڻ جو چئو ٻڌايو تہ هڪ منٽ ۾ ٦٠ لفظ درست ادائگي ۽ اُچار سان پڙهن.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ صفت اهو لفظ آهي جيڪو ڪنهن شيءِ، ساهواري، جاءِ يا ماڻهوءَ جي جي خوبي يا اوڻائي ٻڌائي. مثال: سنو ٻارُ. هتي سنو صفت آهي، جيڪو ٻار جي خوبي ٻڌائي ٿو. اڇو ڪپڙو. اڇي ڪپڙي جو رنگ ٻڌائي ٿو. وڏو گهر. وڏوگهر جي خاصيت ڏيکاري ٿو. محنتي استاد. استاد جي خوبي جي خبر پئي ٿي.

## مشق:

(الف) خالي جاين کي ڀريو.

۱. سجاڻپ ۲. وتن مل ۳. شيخ طاهر ۴. امان

(ب) سوالن جا جواب:

۱. وتايو فقير تاجپور شهر ۾ ڄائو.

۲. سندس مائٽ نصرپور شهر لڏي اچي ويٺا.

۳. وتائي جي ماءُ جي هٿ ۾ اُها ڳالهه هئي تہ ”جي وٺيس تہ پٽ رڏي، جي وٺيس تہ ماني پچائي.“

۴. وتائي کي سندس ماءُ تاندو ڪٽي اچڻ لاءِ چيو.

## قواعد:

صفت: ٻهريان شاگردن کي ڪتاب جي صفحي ۱۵ تي ڏنل صفت جي وصف پڙهايو.

(ج) صفت جا ڪي بہ ڇهہ لفظ لکي ڏيکاريو.

وڏو، ننڍو، محنتي، ايماندار، تيز، سُهڻو.

(د) اکر جوڙي لفظ ناهڻ.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ۱. | س | ي | ا | ڻ | پ | سياڻپ |
| ۲. | د | ر | و | ي | ش | درويش |
| ۳. | و | ت | ا | ي | و | وتايو |
| ۴. | ڪ | ن | گ | هہ | ڻ | ڪنگهڻ |

(هہ) وتائي فقير بابت پنج جملا لکو.

- وتايو فقير سنڌ جو سادو پر ڏاهو ماڻهو هو. سندس اصل نالو وتن مل هو. هن جون ڳالهيون ٻڌي ماڻهن حيرت ۾ وٺجي ويندا هئا. سندس ڪيترين ئي ڏاهپ ڀريون ڳالهيون مشهور آهن. وتائي فقير جي مزار ٽنڊي الهيار ڀرسان آهي

## سرگرمي:

- ٽي ٽي شاگردن تي ٻڌل ٽولا يا گروپ ناهيو. سندن وچ ۾ لطيفا ۽ ڀروليون ٻڌائڻ جو مقابلو ڪرايو. سڀ کان ٻهريان سڄي ڪلاس کي پنج منٽ ڏيو تہ تياري ڪري لطيفا ۽ ڀروليون لکي وٺن. پوءِ ڪلاس ۾ سيني اڳيان ٻڌائن. جيڪا ٽولي سٺا لطيفا ۽ ڀروليون ٻڌائي انهن لاءِ سڄي ڪلاس اڳيان تاڙيون وڄرائي ساراهہ ڪريو.

## سبق ڇهون

## پوپٽ

### سکيا جي حاصلات:

- هاڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجب وارا جملا ٺاهي سگهي.
- پنهنجي پسند جي آکاڻين، لطيفن، نظمن ۽ پرولين جي چونڊ ڪري پڙهي سگهي.
- عددن جي ترتيب سمجهي سگهي.
- ڪنهن به موضوع تي موقعي جي مناسبت سان پنهنجي لفظن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه جملا بيان ڪري سگهي.
- ڪنهن به موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.
- ڪو به نظم انفرادي يا اجتماعي طور تي سُر ۽ لئه سان پڙهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ١٦، ١٧ ۽ ١٨

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١٦ تي ڏنل نظم ”پوپٽ“ کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٥ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- استاد سُر ۽ لئه سان نظم وڏي آواز سان پڙهي. اهڙو سُر ۽ لئه جوڙيو ته جيئن ٻارَ به ساڳي انداز ۾ پڙهي سگهن. هڪ ڀيرو استاد پڙهائڻ کانپوءِ شاگردن کي به هدايت ڪري ته هو گڏجي سُر ۽ لئه سان نظم پڙهن.
- هيءُ نظم رشيد احمد لاشاري جو لکيل آهي. نظم ۾ هن پوپٽ جي سونهَن جي باري ۾ لکيل آهي. شاعر ٻڌائي ٿو ته پوپٽ چاڪاڻ ته گلن تي گذارو ڪندو آهي، تنهنڪري گلن ۾ رهڻ ۽ کائڻ ڪري سندس سونهَن به گلن جيان اٿس. هن جا رنگ به گلن جيان الڳ الڳ پر وڻندڙ هوندا آهن. شاعر کي پوپٽ ايترو وڻي ٿو جو سندس خواهش آهي ته هو کائنس رنگ اڌارا وٺي.
- پڇو: ڪنهن ڪنهن پوپٽ ڏٺو آهي؟ ان جا رنگ ڪهڙا هئا؟ اهو توهان ڪٿي ڏٺو هو؟ اسڪول ۾ گلن جي ڀرسان شاگردن کي وٺي وڃوءِ انهن کي گل ۽ ان ڀرسان جي پوپٽ هجن ته اُهي ڏيکاريو.
- ٻارن کي تقرير بابت ٻڌايو ۽ پوءِ تقرير جو مقابلو ڪرايو.

## مشق:

(الف) ڏنل شعرن کي لڪيرن ذريعي صحيح بندَ يا سِٽَ سان ملايو.

| | |
|---|---|
| واهہ واهہ پيارو | پلارو پوپٽ |
| گلڙن کي ٿو | رسُ ٿو چوسين |
| سندر سُهڻو | گيت ٻڌائي |
| پورو ٻاڳ | پيارو پوپٽ |
| روزُ گُلن جو | ۽ من مهڻُو |

(ب) سوالن جا جواب:

١. پوپٽ ٽن يا ان کان وڌيڪ رنگن جا هوندا آهن.

٢. پوپٽ گُلن جي رسُ چوسيندا آهن.

٣. پوپٽ تارن جيان چلڪندا ۽ چمڪندا آهن.

۴. پوپٽ گُلن جي رس تي گذاريندا آهن.

## قواعد:

(ج) ڏنل جملن کي سواليہ ۽ ناڪاري جملن ۾ مٽايو.

| ناڪاري جملو | سواليہ جملو | سادو جملو |
|---|---|---|
| مون کي بک نہ لڳي آهي. | ڇا مون کي بک لڳي آهي؟ | مون کي بک لڳي آهي. |
| ٻار اسڪول نہ ويَن ٿا. | ڇا ٻار اسڪول وين ٿا؟ | ٻار اسڪول وين ٿا. |
| ٻڪري گاهہُ نہ کائي ٿي. | ڇا ٻڪري گاهہُ کائي ٿي؟ | ٻڪري گاهہُ کائي ٿي. |
| اڄ مهمان نہ ايندا. | ڇا اڄ مهمان ايندا؟ | اڄ مهمان ايندا. |

(د) هيٺ ڏنل عددي انگن کي لفظي انگن جي مختلف صورتن ۾ بدلايو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | هڪ | پهريون | پهرين |
| ٢. | ٻہ | ٻيون | ٻئين |
| ٣. | ٽي | ٽيون | ٽئين |
| ۴. | چار | چوٿون | چوٿين |
| ۵. | پنج | پنجون | پنجين |

(هہ) پوپٽ ۽ ان جي رنگن بابت پنج کان ست سادا جملا.

١. پوپٽ هڪ جيت آهي.

٢. پوپٽن جا سوين قسم آهن.

٣. هو گلن جي رس تي گذارو ڪندا آهن.

٤. بهار جي موسم ۾ هر هنڌ نظر ايندا آهن.

۵. رنگين ۽ خوبصورت هئڻ ڪري اُهي ڏاڍا وڻندڙ هوندا آهن.

٦. پوپٽن ٻوٽن لاءِ فائديمند آهن.

## سرگرمي:

• ڪلاس ۾ چار شاگردن جون چار چار ٽوليون ٺاهيو. ڪين تقرير ڪرڻ جو نداز سيکاريو. پوءِ هر هڪ ٻار کي ڏهہ سٽن جون تقريرون ڪرڻ جي هدايت ڪريو.

## سبق ستون

# سنڌي ٽوپيءَ جو هُنُر

### سکيا جي حاصلات:

- پنهنجي گهر ۽ اسڪول جي ضرورتن تي گفتگو سگهي.
- ضمير خالص (آءٌ، مان، اسين، ۽ اسان، تون توهان، اوهين، اوهان، هو هوءَ، اهي وغيره) لفظن جي مفهوم کي سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.
- ڪلاس ۽ اسڪول جي سطح تي ٿيندڙ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ١٩-٢٠-٢١

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١٩ تي ڏنل سبق "سنڌي ٽوپيءَ جو هنر" کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٥ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- ٻن ٻن شاگردن جون ٽوليون ٺاهيو ۽ کين سبق واري واري سان ٽولين ۾ پڙهڻ جي هدايت ڪريو.
- هيءُ سبق سنڌي ٽوپيءَ جي هنر بابت آهي. ماڻهن جي ثقافت ۾ ڪاڏي پيتي، ڪپڙي توڙي ٻين شين جي وڏي اهميت هوندي آهي. آڳاٽي وقت ۾ ماڻهو مٿو اگهاڙو ڪرڻ کي عيب سمجهندا هئا. انڪري ڪجهه نه ڪجهه مٿي کي ڍڪڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا. سنڌي ماڻهو ٽوپي پائڻ کي پنهنجو شان ڀائيندا آهن. هزارين سالن کان ٽوپي ڌار ڌار ڊزائن جي شڪل ۾ ٺهندي رهي آهي. پر آڳاٽي ۽ هاڻوڪي دور جي ٽوپيءَ ۾ ٿورو ئي فرق آهي. وڌيڪ سبق جي ڳالهين کي مختصر ڪري ٻڌايو.
- شاگردن کان پڇو ته سنڌي ٽوپيءَ يا ثقافت وارو ڏينهن ڪير ڪير ملهائيندو آهي؟ ان ڏينهن ڇا ٿيندو آهي؟
- ضمير ڇا آهي؟ ڌار ڌار ٻارن کان پڇو ۽ پوءِ ٻڌايو ته ضمير اسم جي بدران استعمال ٿيندو آهي. جيڪو ضمير ماڻهن يا ساهوارن جي نالي بدران ڪم اچي ان کي وري ضمير خالص چئبو آهي. ان ۾ آئون، مان اسين، تون، توهان، اسان، اسين وغيره اچي وڃن ٿا. بورڊ تي لکي مثالن سان سمجهايو.

### مشق:

(الف) صحيح ۽ غلط جملن اڳيان نشانيون لڳايو.

۱. ✓ ۲. ✗ ۳. ✓ ۴. ✗

(ب) سوالن جا جواب:

١. پراڻي دور جا ماڻهو اگهاڙي مٿي کي عيب سمجهندا هئا.

٢. سنڌي ٽوپي ڍاهڻ کان اڳ ان جي گول پٽ ڍاهي ويندي آهي.

١. سنڌي ٽوپيءَ جون ڪيتريون ئي ڊزائنون آهن.

٢. سنڌي ٽوپيءَ جي خاصيت ان جي محراب ۾ لڪل آهي.

## قواعد:

(ج) ڏنگين مان ضمير خالص چونڊي جملن ۾ استعمال ڪريو. جواب

١. توهان ٢. مان ٣. اسان ۴. تون

(د) سنڌي ٽوپيءَ تي ڪي ٻه چار جملا لکو.

١. سنڌي ٽوپي مٿي تي سٺي لڳندي آهي.

٢. گهڻا سنڌي وڏي شان سان ان کي پائيندا آهن.

٣. اسان جي شهر شهدادڪوٽ ۾ سٺيون ٽوپيون ملنديون آهن

۴. ان مٿان گهڻي محنت ٿيل هوندي آهي.

## سرگرمي:

- ٻارن کي سنڌي ثقافت جا فوٽو ڏيکاريو ۽ سندن ثقافت جي پسند بابت پڇو.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق ائون

# قدرتي آفت "زلزلو"

### سکيا جي حاصلات:

- هاڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجب وارا جملا ٺاهي سگهي.
- پنهنجي ماحول بابت گهٽ ۾ گهٽ هڪ منٽ تائين تقرير ڪري سگهي.
- ڪنهن به تقريب يا نمائش کي ڏسي، ڪنهن خاص سرگرميءَ تي پنهنجي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.
- گروهي، سماجي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ حصو وٺي سگهي، ۽ پنهنجي ذميواري خوشي اسلوبيءَ سان ادا ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٢٢-٢٣-٢٤-٢٥

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٢٢ تي ڏنل سبق "قدرتي آفت زلزلو" کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٥-٨٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي. شاگردن کان اِهو به پڇو ته ڇا توهان ڪڏهن زلزلي جي باري ۾ ٻڌو آهي؟
- شاگردن کي سبق پڙهائڻ شروع ڪريو ۽ کين چئو ته هو به توهان سان گڏ سبق پڙهن.
- زلزلو هڪ قدرتي آفت آهي. زمين اندر هڪڙيون وڏيون پليٽون آهن، جنهن کي ٽيڪٽونڪ پليٽون چون ٿا، جڏهن اهي پاڻ ۾ ٽڪرائيندڻيون آهن ته زلزلو ايندو آهي. ان کي سنڌيءَ ۾ زمين ڌُٻڻ به چوندا آهن. ڪجھ زلزلا ڀين سببن ڪري به ٿيندا آهن، جيئن سبق ۾ پڙهيو. زلزلي اچڻ وقت جيڪي اپاءَ وٺڻ گهرجن، اهي شاگردن کي ٻڌايو.
- سبق ۾ ٻڌايل اپاءَ ڪلاس ۾ ڪري ڏيکاريو.
- بورڊ ذريعي سمجهايو ته هاڪاري جملا اُهي آهن جنهن ۾ ڪا ڳالھ ٿي هجي، مان پڙهان ٿو. ناڪاري جملي ۾ ٿيندو، مان نه پڙهان ٿو. سوالي جملي ۾ ڇا مان پڙهان ٿو؟ پر عجب واري جملي ۾ ڪيڏو نه سهڻو چنڊ آهي! ان ۾ عجب جي نشاني لڳندي آهي.

### مشق:

(الف) صحيح ۽ غلط جملن اڳيان نشانيون لڳايو.

١. ✓  ٢. ✗  ٣. ✓  ٤. ✗

(ب) سوالن جا جواب:

١. زمين جي اندروني حرڪت ڪري زلزلو ايندو آهي.

٢. زلزلا ڪيترن ئي قسمن جا آهن، ڪي ٽيڪٽونڪ پليٽن جي ٽڪرائڻ، ڪي ٻرندڙ جبلن ڪري ايندا آهن، وغيره.

٣. زلزلي جي شدت کي ريڪٽر اسڪيل تي ماپيو ويندو آهي.

٤. اهو شديد زلزلو هوندو آهي، جيڪو گهرن کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندو آهي.

## قواعد:

(ج) جملن کي سواليه جملن ۾ بدلايو.

١. ڇا زِلزلو هڪ قدرتي آفت آهي؟

٢. ڇا زلزلا مختلف قسمن جا هوندا آهن؟

٣ ڇا انهن جي اها حرڪت سُست هوندي آهي؟

٤. ڇا کليل ميدانن يا پارڪس ۾ وڃڻ گهرجي؟

(د) زلزلي اچڻ تي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي، تي جملا.

١. زلزلي اچڻ وقت تڪڙو کليل ميدانن ۾ وڃڻ گهرجي.

٢. جيڪڏهن ٻاهر نه نڪري سگهجي ته ڪنهن مضبوط شيءِ، جهڙوڪ ٽيبل وغيره هيٺان پناهه وٺجي.

٣. ڏَکي ٽيل ماڻهن کي فوري امداد ڏجي.

(هه) يارنهن کان ويهن تائين شاگردن کان انگ جو سنڌيءَ ۾ لکرايو. جيئن يارنهن، ٻارنهن وغيره

## سرگرمي:

• ڪتاب ۾ ڏنل ٻئين سرگرميون ڪرايو.

## سبق نائون

# پورهيت پنهنجي مُلڪ جا

### سکيا جي حاصلات:

- سوالن کي غور سان ٻڌي، سمجهي سگهي.
- عددي رتا جي ڄاڻ موجب هڪ- ٻ- ٽي، پهريون، ٻيون، ٽيون، جو فرق سمجهي سگهي.
- ڪا بہ ڳالهہ ٻڌي ان جو تجزيو ڪري ٻڌائي سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- بصري لفظ روانيءَ سان پڙهي سگهي.
- تصوير/تصويري آڪاٽي ڏسي ان بابت پڇيل سوالن جا جواب لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٢٦-٢٧-٢٨ — لفظن جا فليش ڪارڊ

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٢٦ تي ڏنل سبق ”پورهيت پنهنجي ملڪ جا“ کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق وڏي آواز ۾ چٽي لفظن سان پڙهائڻ شروع ڪريو ۽ کين چئو تہ هو بہ توهان سان گڏ سبق پڙهن.
- سبق پڙهائڻ کانپوءِ ڏنڏن ڪاروبار بابت سوال ڪريو؟ توهان جا وڏا ڪهڙو ڪم ڪار ڪندا آهن؟ ڇا توهان بہ انهن جي مدد ڪندا آهيو؟ جي نہ ڪندا آهيو تہ ڇو نہ؟ جي ڪندا آهيو تہ ڪهڙي مدد ڪندا آهيو؟
- شاگردن کي تفصيل سان ڏنڏن جي اهميت بابت ڄاڻ ڏيو. ڪهڙي ريت هر ڏنڌي جي اهميت آهي، سڀ ڪم ڪار ملي ڪري سماج سنوهلي ٿو. هر ڪم جي پنهنجي اهميت آهي، ڪو بہ ڪم گهٽ ناهي.
- لفظن جا فليش ڪارڊ ڏيکاريو.
- لفظي انگن جي ترتيب بورڊ جي مدد سان تبديل ڪرڻ سيکاريو.

### مشق:

(الف) صحيح جواب

١. ٻني ٻارو ٢. درزي ٣. رازا ٤. سرڪاري

(ب) سوالن جا جواب:

١. پيٽ گذر لاءِ ماڻهو کي ڪنهن ڌنڌي يا ڪم ڪار جي ضرورت پوي ٿي.

٢. روزي ڪمائڻ لاءِ جيڪو ماڻهو ڪم ڪن ٿا تن کي ڌنڌو، پيشو يا ڪم ڪار چئبو آهي.

٣. ڪڙمي ۽ هاري فصل اپائيندا يا ٻني ٻارو ڪندا آهن.

٤. ماڻهن جي حفاظت پوليس ۽ فوج ڪندي آهي.

## قواعد:

(ج) انگن جي لفظن ۾ ترتيب بدلايو.

١. ستون ٢. ڏهون ٣. سورهون ٤. چوويهون

(د) اوهان جو والد صاحب ڪهڙي ڌنڌي يا پيشي سان واڳيل آهي؟

- منهنجو والد صاحب ٻني ٻاري سان واڳيل آهي. هو ٻني ٻارو ڪري فصل تيار ڪندو آهي. فصل مان مليل اناج شهر ۾ وڪرو ڪري پيون ضرورتون پوريون ڪندو آهي. هو سڄو سال ٻني تي ڪم ڪندو آهي.

## سرگرمي:

- استاد، واڊو، ڊاڪٽر، شاگردن کي انهن پيشن جي ڪردارن تي مختصر طور تي بحث ڪرڻ ڏيو.



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

## سبق ڏهون

# پَنهنجو ديسُ آ پاڪستان

### سکيا جي حاصلات:

- نظم ۽ نثر ۾ فرق سمجهي، درست ادائگيءَ سان پڙهي سگهي.
- نظم مان پنهنجي پسند جي شعر جو مفهوم لکي سگهي.
- اسم ۽ ضمير جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي.
- مناسب آواز ۽ لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سادن جملن تي ٻڌل تقرير ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٢٩-٣٠

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٢٩ تي ڏنل نظم ”پنهنجو ديس آ پاڪستان“ کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق وڏي آواز ۽ چٽي لفظن سان نظم سُر ۽ لئه سان پڙهائڻ شروع ڪريو ۽ کين چئو ته هو به توهان سان گڏ سبق پڙهن.
- نثر ۽ نظم ۾ فرق سمجهايو: نثر ۾ ڳالهه سڌي ۽ سادي ٻوليءَ ۾ ڪئي ويندي آهي. اهو ڪهاڻي، مضمون يا گفتگو جي صورت ۾ هوندو آهي، نثر ۾ رديف يا قافيو نه هوندو آهي. جڏهن ته
- نظم اهڙي لکڻي آهي جيڪا شاعري جي صورت ۾ هوندي آهي. ان ۾ قافيا، رديف ۽ چند هوندي آهي. نظم پڙهڻ ۾ سُر ۽ لئه سان پڙهبو آهي. مثال: ڏسي دنيا جا عجب نظارا، سائينءَ جي سگهه سمجهه پيارا.
- نظم جي سمجهاڻي به ٻڌايو. اسان جو ملڪ وڏي نعمتن سان ڀرپور آهي. ان ۾ هر شيءِ آهي. درياءَ، ٻنيون، جبل، سمنڊ، ڍنڍون، قدرتي وسيلا. گهڻيون ٻوليون، ماڻهن جا سهڻا لباس، مزيدار کاڌا وغيره.
- اسم ۽ ضمير سمجهايو. اسم اهو لفظ آهي، جو ساهوارن، ماڻهن، شين، ڪمن لاءِ ڪم ايندو آهي. ضمير اسم جي بدران ڪم ايندو آهي. علي قلم ورتو. علي ۽ قلم اسم آهن. مون قلم ورتو. مون ضمير ۽ قلم اسم آهي.

## مشق:

(الف) شعر مڪمل ڪريو.

١. جبل، نديون ۽ ساوا گاهه، هتي وهن ٿا ڪيئي واهَ.

٢. برساتن ۾ ڇهڪي پئي ٿو، ٿر، بر ۽ هي ڪوهستانُ.

٣. ڪيڏو محنت وارن جو ڏِس، ربَ وڏايو آهي مانُ.

٤. امنُ، محبت آهي هِتڙي، خوش آهي هرڪو انسان.

(ب) سوالن جا جواب:

١. اسان جي ديس ۾ درياءَ، جبل، نديون، ڇنيون، ساوا گاهه وغيره آهن.

٢. برساتن ۾ ٿر، بر ۽ ڪوهستان ساوا ٿيندا آهن، سڀ ساهوارا خوش ٿيندا آهن.

٣. هتان جا هاري ۽ ناري، يعني مرد توڙي عورتون محنتي آهن.

٤. هتان جا ماڻهو امن ۽ محبت سان خوش رهن ٿا.

## قواعد:

(ج) اسم ۽ ضمير جي وصف لکرايو.

- اسم اهو لفظ آهي، جيڪو ڪنهن ماڻهو جانور، شيءِ يا جاءِ جو نالو ٻڌائي ٿو. مثال سارنگ، راڪيش، ماروي وغيره.
- ضمير اهو لفظ آهي جيڪو اسم جي جاءِ تي اچي ٿو يعني نالو بار بار نہ ورجايو وڃي. مثال آئون، توهان، هو وغيره.

(د) شاگردن کي هدايت ڪريو تہ اوهان کي ڪهڙو شعر وڻي ٿو اهو لکو ان جي سمجهاڻي بہ لکو.

## سرگرمي:

- منهنجي ملڪ جو نالو پاڪستان آهي. پاڪستان ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي آزاد ٿيو. هي ملڪ قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ وجود ۾ آيو. پاڪستان جا چار صوبا آهن: سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا. پاڪستان جو راڄڌاني شهر اسلام آباد آهي. پاڪستان هڪ قدرتي سونهن سان ڀرپور ملڪ آهي. هتي بلند جبل، وهندڙ درياهه ۽ ساوا ميدان توڙي ريگستان آهن. پاڪستان جي مٽي زرخيز آهي ۽ هتي هر قسم جا فصل ٿين ٿا. پاڪستان جا ماڻهو محنتي، مهمان نواز ۽ بهادر آهن. مون کي پنهنجي وطن سان پيار آهي، هي منهنجي سڃاڻپ آهي.

## سبق يارهون

## سالَ جون مُندون

### سکيا جي حاصلات:

- ڪنهن بہ عنوان تي ڏهہ سادا ۽ مربوط جملا لکي سگهي.
- جملي ۾ زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي استعمال کي سمجهي سگهي.
- تقرير، واقعو يا گفتگو ٻڌي ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.
- گفتگوءَ ۾ پنهنجي موقف کي بيان ڪري سگهي.
- پنهنجي ماحول بابت ڪنهن بہ موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ منٽ جي تقرير ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٣١-٣٢-٣٣

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٣١ تي ڏنل سبق "سالَ جون مُندون" کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق وڏي آواز ۽ چٽي لفظن سان پڙهائي ۽ شاگردن کي بہ سبق پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- ٻارو هر موسم جي پنهنجي اهميت آهي. چار ڌار ڌار موسم ٿيڻ ڪري اسان جو ملڪ وڻندڙ لڳندو آهي. ڌار ڌار مندن ۾ ڌار ڌار ڪم ٿيندا آهن، جيئن هر فصل پنهنجي مُند ۾ ٿيندو آهي.
- موسم ۾ تبديلي کي ماحولياتي تبديلي چيو ويجي ٿو. جڏهن ڌرتي جو موسم گرم يا ٿڌو وڌيڪ ٿيڻ لڳي يا مينهن جا ڏينهن متجي وڃن، يا تہ گهڻو مينهن وسي يا صفا نہ وسي، گرمي وڌي وڃي، سيارو بہ متجي، تہ ان کي ماحولياتي تبديلي چئبو آهي. ماحولياتي تبديلي ماحول ۾ زهريلا ۽ نقصانڪار گئس ڇڏڻ ڪري ٿين ٿا. گهڻو دونهو ۽ ٻيو زهر واريون شيون ماحول کي خراب ڪن ٿيون.
- زمان حال جيڪو هلندڙ وقت بابت ٻڌائي، جيئن مان لکي رهيو آهيان.
- زمان ماضي جنهن ۾ ڪم ٿي ويو هجي. مان ڪم لکي ڇڏيو هو.
- زمان مستقبل معنيٰ جيڪو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿئي، جيئن مان لکندس.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ربيع ۲. خريفئ ۳. خشڪ ۴. بهار

(ب) سوالن جا جواب:

۱. موسم ٿوري ٿوري دير ۾ مٽجندي رهندي آهي، جڏهن تہ مُند سال ۾ چار ڀيرا مٽجندي آهي.

۲. اونهارو، سيارو، سرءُ، بهار.

۳. ٿڌ گهٽي ٿيندي آهي. ماڻهو سيءَ کان بچڻ لاءِ گرم ڪپڙا پائيندا آهن وغيره

۴. بهار ۾ هر جاندار خوش نظر ايندو آهي.

(ج)

| زمان حال | زمان ماضي | زمان مستقبل |
|---|---|---|
| فغيم لغڙ اڏاري ٿو. | فهيم لغڙ اڏاريو. | فهيم لغڙ اڏاريندو. |
| روماسا ماني کاڌي. | روماسا ماني کاڌي هئي. | روماسا ماني کائيندي. |
| بابا سياٽي اچي رهيو آهي. | بابا ڪالهہ آيو. | بابا سياٽي ايندو |

(د) پنهنجي پسند جي موسم تي پنج کان ست جملا لکو.

۱. مونکي سانوڻ يعني مينهن جي موسم وڻندي آهي.

۲. مينهن جي مُند ۾ سڄي زمين سائي ٿي ويندي آهي.

۳. مالَ ۽ ٻين جانورن لاءِ گاهہ پيدا ٿيندا آهن.

۴. فصل پڪ ڪيا ويندا آهن.

۵. مينهن کانپوءِ گرمي گهٽجي ويندي آهي.

## سرگرمي:

- شاگردن جي مدد ڪريو ۽ کين هڪ منٽ جي تقرير ماحول جي گدلاڻ واري موضوع تي ڪرايو.

## سبق ٻارهون

# عيد جو ڏِهاڙو

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت ۾ آيل نوان لفظ درست اُچاري سگهي.
- چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙي ٽوڙي بيان ڪري سگهي.
- مختلف جملن کي درست اچار ۽ رواني سان پڙهي سگهي.
- ڪا بہ ڳالھ ٻڌي ان جو تجزيو ڪري سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- عددي رتا جي ڄاڻ موجب هڪ-ٻہ-ٽي ۽ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون جو فرق ڄاڻي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٣٤-٣٥-٣٦

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٣٤ تي ڏنل سبق ”عيد جو ڏهاڙو“ کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق وڏي آواز ۽ چٽي لفظن سان پڙهايو. ان کانپوءِ شاگردن کي بہ سبق پڙهڻ جي هدايت ڪريو تہ هو واري واري سان سبق کي پڙهن. جتي لفظ اُچاري نہ سگهن، اتي شاگردن جي مدد ڪريو.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ عيد جو ڏينهن پلارو ۽ سڀني مسلمانن لاءِ برڪت ڀريو هوندو آهي. ان ڏينهن هو خوش ٿيندا آهن، سٺا ڪاڏا تيار ڪندا آهن. نوان ڪپڙا پهريندا آهن. مٽن مائٽن ڏانهن ايندا ويندا آهن. هڪٻئي کي سوکڙيون ڏيندا آهن. ٻارن کي عيد جي خرچي ملندي آهي، سندن فرمائشي ڪاڏا تيار ٿيندا آهن. اهڙي طرح اُهي خوشي جا ڏينهن آهن. ٻارن کي ٻڌايو تہ عيد الفطر ۽ عيد الضحيٰ ۾ ڪهڙو فرق آهي.
- ٻارن کان پڇو تہ هنن کي ڪهڙي عيد وڻندي آهي؟ هو عيد تي ڇا ڇا ڪندا آهن.
- شاگردن کان سوالن جي جوابن وارن سوال زباني پڇا ڪريو.
- شاگردن کي عددي رتا بابت بہ پڙهايو تہ ڪيئن هڪ مان پهريون ۽ ٻہ مان ٻيون، ٽي مان ٽيون، چار مان چوٿون، پنج مان پنجون لکيو ويندو آهي. ان لاءِ بورڊ جو استعمال ڪريو.

## مشق:

(الف) جملا لڪير وسيلي مڪمل ڪريو.

١. مسلمانن جون ٻه عيدون ٿينديون آهن.

٢. اهي جانور ڳئون، ٻڪريون، رڍون، مينهون يا اٺ ٿيندا آهن.

٣. هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي عيد مبارڪ چوندا آهن.

۴. خاص قسم جا کاڌا کائيندا ۽ ڪچهريون ڪندا آهن.

(ب) سوالن جا جواب:

١. مسلمان عيد الفطر ۽ عيدالاضحيٰ ٻه عيدون سال ۾ ايندیون آهن.

٢. عيدالفطر رمضان مهيني جي پڄاڻيءَ تي شوال جي پهرئين تاريخ تي ٿيندي آهي.

٣. عيدالاضحيٰ حج مهيني ۾ ايندي آهي.

۴. عيد جي ڏهاڙي نوان ڪپڙا پهري، نماز پڙهي، هڪٻئي سان ملندا آهن، سٺا کاڌا کائي ملهائيندا آهن.

(ج) عددي رٽا: ٻه مان ٻيون، ٽي مان ٽيون، چار مان چوٿون، پنج مان پنجون.

(د) عيد ڪيئن ملهائيندا آهيو اٺ جملا لکو. عيد تي اسان سيئي صبح سوير اٿندا آهيون. عيد نماز لاءِ نوان ڪپڙا پائيندا آهيون. مسجد وڃي گڏجي نماز پڙهندا آهيون. نماز کان پوءِ سيئي هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي ملندا آهيون ۽ عيد مبارڪ چوندا آهيون. گهر واپس اچي مٺايون ۽ سيون کائيندا آهيون. اسان ننڍن ٻارن کي عيدي ملندي آهي. پوءِ مائٽن ۽ پاڙيسرين سان ملڻ ويندا آهيون. سڄو ڏينهن خوشيون، گڏجاڻين ۽ سٺن کاڌن کائڻ ۾ گذرندو آهي.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ٣٦ تي ڏنل سرگرمي پڙهي ٻڌايو ۽ شاگردن کي ڪرڻ ۾ مدد ڪريو.



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

# سبق تيرهون

## پاڙيسري ملڪن سان ناتا

### سکيا جي حاصلات:

- مختلف جملن کي درست اچارَ ۽ رواني ءَ سان پڙهي سگهي.
- مناسب آواز ۽ لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن جملن تي مشتمل تقرير ڪري سگهي.
- فعل جي مفهوم کي ڄاڻي سگهي.
- پنهنجي راءِ ڏيڻ وقت ٻين جي جذبن ۽ احساسن جو احترام ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٣٧-٣٨-٣٩

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٣٧ تي ڏنل سبق "پاڙيسري ملڪن سان ناتا" کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق وڏي آواز ۽ چٽي لفظن سان پڙهايو. ان ڪانپوءِ شاگردن کي به سبق پڙهڻ جي هدايت ڪريو ته هو واري واري سان سبق کي پڙهن. جتي لفظ اُچاري نه سگهن، اتي شاگردن جي مدد ڪريو.
- شاگردن کي ٻڌايو ته جيئن اسان جا پاڙيسري هوندا آهن، تيئن ملڪن جا به پاڙيسري هوندا آهن.
- ڇا پاڙيسري سان سٺو هلڻ گهرجي؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ ڇا پاڙيسري ملڪ سان ڪيئن هلڻ گهرجي؟ ڪنهن هڪڙي پاڙيسري ملڪ بابت ڪير ٻڌائيندو؟ (ڌار ڌار شاگردن کان الڳ الڳ پاڙيسرين بابت پڇو.)
- تقرير بابت ٻڌايو ۽ سرگرمي ۾ تقرير ڪرائڻ جي مشق ڪرايو.
- فعل پڙهايو: اهڙا لفظ جنهن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ ۽ ٿيڻ جي معنيٰ نڪري، تنهن کي فعل چئبو آهي.
- بورڊ تي لکو: منيبا انب کائي ٿي. فائزا ننڊ ڪري ٿي. رُبَيا کلي ٿي. صغرا پڙهي ٿي. ابراهيم اسڪوٽر هلائي ٿو. ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ هئڻ، ڪرڻ، ٿيڻ جو ٻڌائن ٿا، يعني ڪم ڪندي ڏيکارن ٿا، اُهو فعل آهي.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ڀارت  ۲. تهران  ۳. ٻاويھ  ۴. اُتر اولھ

(ب) سوالن جا جواب:

۱. ايران، ڀارت، افغانستان ۽ چين پاڪستان جا پاڙيسري ملڪ آهن.

۲. چين جي گاديءَ جو هنڌ بيجنگ آهي.

۳. هندستان جي سرحد سنڌ، پنجاب ۽ آزاد ڪشمير واري پاسي کان ملي ٿي.

۴. ايران جي قومي ٻولي فارسي آهي.

(ج) فعل پڙهايو.

فعل وارا جملا:

۱. سرمد لکي ٿو.

۲. پريانڪا ماني کائي ٿي.

۳. منيبا سائيڪل هلائي ٿي. (فعل: لکي، کائي، هلائي)

(د) انگ لکي ڏيکاريو:

ايڪيھ، ٻاويھ، ٽيويھ، چوويھ، پنجويھ، ڇهويھ، ستاويھ، اناويھ، اٺٽيھ، ٽيھ.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ۳۹ تي ڏنل سرگرمي پڙهي ٻڌايو ۽ شاگردن کي ڪرڻ ۾ مدد ڪريو. تقرير جي تياري لاءِ شاگردن کي ڪجھ وقت ڏيو ۽ سندن رهنمائي ڪندا رهو.

## سبق چوڏهون

### محنت

### سکيا جي حاصلات:

- ڪو بہ نظم انفرادي يا اجتماعي طور تي سُر ۽ لئہ سان پڙهي سگهي.
- جملي ۾ ڪم آندل هم معنيٰ لفظ سڃاڻي سگهي.
- ٻاراڻا نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهي لطف حاصل ڪري سگهي ۽ سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- گروهي، سماجي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ حصو وٺي سگهي ۽ پنهنجي ذميواري خوش اسلوبي سان ادا ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ۴۰-۴۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ۴۰ تي ڏنل نظم ”محنت“ کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي نظم سُر ۽ لئہ سان وڏي آواز ۾ پڙهايو. ان ڪانپوءِ شاگردن کي بہ گڏجي سُر ۽ لئہ سان نظم پڙهڻ جي هدايت ڪريو.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ محنت ڪانسواءِ ڪا شيءِ تيار نہ ٿيندي آهي. هر ڪم محنت سان ٿيندو آهي. جيڪڏهن محنت نہ ڪنداسين تہ ڪجهہ نہ ٿيندو، تڪليف ڏسنداسين. وڌيڪ مثال بيت يا نظم مان ڏيو.
- محنت ڪيتري ضروي آهي؟ جي اُها نہ ڪنداسين تہ ڇا ٿيندو؟ توهان ڪهڙي شيءِ لاءِ محنت ڪندا آهيو؟ (ڌار ڌار شاگردن کان جواب وٺو.)
- هم معنيٰ لفظن جي معنيٰ آهي، جن لفظن جي معنيٰ ساڳي هجي. جيئن پيارو-سهڻو. وڌيڪ ٻيا مثال ڏيو.
- هم نصابي سرگرمين جي اهميت ٻڌايو.

## مشق:

(الف) بيت جون سٽون مڪمل ڪريو.

۱. زماني ۾ نالو وڏائي ٿي محنت،
۲. ڪنجي ڪاميابي جي آهي اِها ئي.
۳. سُچائيءَ جي غم کان بچائي ٿي محنت،
۴. هيءَ خوددار سڀ کي بڻائي ٿي محنت.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. محنت سان سُک ملي ٿو، ڏکيائي ختم ٿئي ٿي.
۲. محنت ڪاميابي جي ڪُنجي آهي.
۳. محنت ماڻهوءَ کي سُچائي، معنيٰ ڪجهه نه هئڻ کان بچائي ٿي.
۴. محنت ڪندڙ جي عمر خوش ۽ آسودگي سان گذري ٿي، هو ڪنهن اڳيان هٿ نٿو ٽَنگي.

(ج) هم معنيٰ لفظ:

انسانُ_ماڻهو. اُميد_آسرو. آرام_سُڪون. خوفُ_ڊِڄُ.

(د) محنت بابت پسند جي شعر جي سمجهاڻي:

ڪندو جو محنت، خوشحال ٿيندو، سچائيءَ جي غم کان بچائي ٿي محنت. هن سٽ ۾ شاعر چئي ٿو ته جيڪو محنت ڪندو آهي، ان وٽ هر شيءِ هوندي آهي، جنهنڪري هو هر شيءِ ڪاڏو پيٽو پيون ضرورتون پوريون ڪري سگهندو آهي، ۽ سچائيءَ جي ڏک کان بچائيندي آهي محنت، ڇاڪاڻ ته جڏهن شيءِ ناهي هوندي، ڪجهه وٺي ناهي سگهبو ته ان جي تڪليف ٿيندي آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيءُ پنهنجي ٻارَ کي ڪتاب نه وٺي ڏئي سگهي ته ڪيس ڪيڏو ڏک ٿيندو.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ۴۱ تي ڏنل سرگرمي پڙهي، شاگردن جي رهنمائي ڪندي ڪائڻ ڪرايو.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق پندرهون

## شاهہ عبداللطيف جو پيغام

### سکيا جي حاصلات:

- چئن يا ڇئن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙي بيان ڪري سگهي.
- آکاڻين، واقعن، ۽ نظمن ۾ ڏنل متن موجب سوالن جا جواب لکي سگهي.
- واحد لفظ مان جمع ۽ جمع لفظ مان واحد ٺاهي سگهي.
- بيت بازي ۾ حصو وٺي سگهي.
- پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ موضوع بابت پنج کان ست سادا جملا لکي سگهي.
- ڪا بہ آکاڻي يا نظم پڙهي يا ٻڌي پنهنجي پسند يا ناپسند بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ۴۲-۴۳-۴۴

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ۴۲ تي ڏنل سبق "شاهہ عبداللطيف جو پيغام" کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۸٦ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق پڙهي آواز ۾ پڙهي ٻڌايو. ان کانپوءِ شاگردن کان بہ ٽولين ۾ هڪ ڀيرو سبق پڙهايو.
- شاهہ لطيف سنڌ جو وڏو صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌ توڙي دنيا کي امن، محبت، ۽ هڪٻئي سان گڏجي رهڻ جو پيغام ڏنو. هن ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي سان پيار ڪرڻ سيکاريو. ٻين جي عزت ۽ احترام سيکاريو. ٻين مذهبن جو احترام ۽ سڀني جو خدا هڪڙو آهي، تنهنڪري سڀ گڏجي پيار محبت سان رهو جو پيغام ڏنو. ساڳيو پيغام سنڌ جي ٻين صوفي فقيرن بہ ڏنو آهي. سچل سرمست بہ ساڳيو پيغام ڏنو آهي، جيڪو خيرپور ۾ هوندو هو. سندس مزار بہ ان ضلعي ۾ آهي.
- ٻارن ۾ لطيف جي بيتن جو مقابلو ڪرايو. ان لاءِ بہ ٽوليون ٺاهيو ۽ سٺا بيت ٻڌائيندڙن کي شاباس ڏيو.

### مشق:

(الف) صحيح ـ غلط

۱. صحيح ۲. غلط ۳. صحيح ۴. غلط

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاهہ لطيف ١٦٨٩ع ۾ پيدا ٿيو.

٢. شاهہ لطيف جي والد صاحب جو نالو شاهہ حبيب هو.

٣. شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي ڪتاب کي "شاهہ جو رسالو" چيو ويندو آهي.

۴. پاڻ ١۴ صفر ١١٦۵ هجريءَ ۾ وفات ڪيائون.

(ج) جمع جا واحد ۽ واحد جا جمع لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| واحد | ڪپڙو | ملڪُ | ميرو | تنبورو |
| جمع | ڪپڙا | ملڪَ | ميرا | تنبورا |

(د) شاهہ لطيف جي زندگي بابت پنج کان ست جملا:

١. شاهہ لطيف سنڌ جو وڏو شاعر هو.

٢. هن محبت، سچائي ۽ انسانيت جو پيغام ڏنو.

٣. شاهہ لطيف جو ڪلام سيني کي گڏ رهڻ ۽ هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ سيکاري ٿو.

۴. هو ماڻهن کي همت، حوصلي ۽ سچ ڳالهائڻ جو سبق ڏئي ٿو.

۵. سندس شعر اڄ بہ اسان لاءِ رهنمائي جو سبب آهن.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ۴۴ تي ڏنل سرگرمي ۾ شاگردن کان شاهہ لطيف جي بيتن تي مقابلو ڪرايو.

## سرگرمي:

- جهہ ر ڪ ي= جهرڪي۔ ع ي ن ڪ =عينڪ۔ ط و ط و=طوطو

## سبق سورهون

# وڏي ياءُ ڏانهن خط

### سکيا جي حاصلات:

- ڏهن کان پندرنهن سادن جملن واري عبارت پڙهي سمجهي سگهي.
- لفظن جا ضد ڻاهي سگهي.
- روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ بجلي، پاڻي، گئس ۽ ابلاغ جي ذريعن انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر جو درست استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ۴۵-۴۶

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ۴۵ تي ڏنل سبق "وڏي ياءُ ڏانهن خط" کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۸٦ ۽ ۸۷ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي خط وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌايو. ان کانپوءِ شاگردن کان بہ جوڙن ۾ هڪ ڀيرو خط پڙهايو.
- ٻڌايو تہ اڳ جڏهن موبائل نہ هوندي هئي تہ ماڻهو هڪٻئي کان پنهنجو حال احوال ٻڌائڻ ۽ وٺڻ لاءِ خط لکندا هئا. خط ڪاغذ تي لکي بہ موڪلبو آهي ۽ انٽرنيٽ تي اي ميل يا اليڪٽرانڪ خط بہ لکيو وڃي ٿو. شاگردن کي ٻڌايو تہ خط لکڻ گهرجي، ان سان هڪٻئي جي خبر بہ پوندي آهي ۽ لکڻ بہ بهتر ٿيندو آهي. شاگردن کي موبائل تي واٽس ايپ، گوگل، اي ميل ڏيکارڻ کان اڳ انهن بابت پڇو. پوءِ ڏيکاري سمجهايو تہ هي شيون روزمرهہ جي زندگي ۾ گهڻيون استعمال ٿين ٿيون.
- لفظن جا ضد: لفظن جا ضد انهن کي چئبو آهي، جيڪي هڪ لفظ جو ضد يا ابتڙ ٻڌائين. جيئن هيٺ جو مٿي، ٿڌ جو گرمي، علم جو جهالت وغيره. توهان بہ ڪي لفظ جا ابتڙ يا ضد ٻڌايو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. خير ۲. خط ۳. اونو هوندو ۴. ڏوم ڏام

(ب) سوالن جا جواب:

۱. خط لکڻ جي شروعات خيريت پڇڻ سان ڪجي.

٢. مٿيون خط هڪ ننڍي ڀاءُ پنهنجي وڏي ڀاءُ ڏانهن لکيو آهي.

٣. خط ۾ ڀاءُ طرفان خط نه لکڻ، ڪا خبر نه ڏيڻ، شاديءَ جون تياريون وغيره بابت ڳالهيون لکيل آهن.

٤. خط جي پڇاڙي دعائن ۽ جواب گهرڻ خط جي ذريعي سان ڪجي.

(ج) لفظن جا ضد: گهٽا-ٿورا. شروع-ختم. کوڙ-گهٽ- ڳڻتي-خوشي/دلجاءِ

(د) پنهنجي دوست ڏانهن خط لکو جنهن ۾ پنهنجي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جو ٻڌايو.

مٺي پهرئين نومبر، ٢٠٢٥ع

پيارا دوست،

السلام عليڪم،

رب جي ڪرم سان هت سڀ خير آهي. مان خوش آهيان. موڪلون مزي سان گذاري رهيو آهيان. اميد ته تون خوش هوندين، گهر ڏانهن به خير هوندو. حال احوال ڏجاءِ ته ڪيئن آهي، موڪلن جي ڏينهن ۾ ڇا پيو ڪرين؟ سڀ خط ۾ لکي موڪل. امتحانن جا نتيجا اچي ويا آهن. تنهنڪري توسان ونڊ ڪندي سُرهائي ٿي رهي آهي ته مان امتحان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيا آهن. سنڌيءَ جي مضمون ۾ ته ٩٠ سيڪڙو مارڪون آيون آهن. مضمون لکيو هو شاهه لطيف تي، جيڪو سنڌ جو وڏو شاعر هو. هن محبت، سچائي ۽ انسانيت جو پيغام ڏنو هو. مون اُهو سڀ لکيو هو. تنهنڪري شايد سٺيون مارڪون مليون آهن. ٻين مضمونن ۾ به اسي سيڪڙو نمبر ڪنيا آهن. اڙدو ۾ گهٽ مارڪون آيون آهن، پر پاس ٿي ويو آهيان. ڪوشش ڪندس ته توکان اڙدو سکي وٺان. توکي اڙدو پلي ايندي آهي.

جلدي پنهنجي مارڪن بابت لکي ٻڌاءِ. ڪيتريون مارڪون ڪنيون اٿئي، ڪهڙي ڪهڙي مضمون ۾ وغيره. موڪلن ۾ ڇا ڇا ڪيو اٿئي، هن سال ڀلا مينهن وسيا آهن، توهان ڏي به وسيا هوندا. تنهنجي خط جو انتظار رهندو.

وڏي پيار منجهان،

اوهان جو دوست راجا رمضان

## سرگرمي:

- ٻارن جا جوڙا ناهيو. پهريان خط لکڻ بورڊ تي سمجهايو پوءِ هڪٻئي ڏي خط لکڻ جي هدايت ڪريو. ڪاپيءَ ۾ خط لکي پنهنجي جوڙي ۾ وينل کي ڏيکارين، توهان به ڏسو ته ڪنهن درست خط لکيو آهي.

## سبق سترهون

# مان آهيان موبائل فون

### سکيا جي حاصلات:

- هر نصابي سرگرمين دوران ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي سمجھي سگھي.
- گھر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي، انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگھي.
- سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪندي جسماني چرپر ۽ تاثرات سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگھي.
- جملي ۾ زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جي استعمال کي سمجھي سگھي.
- تقرير، واقعو يا گفتگو ٻڌي ان تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگھي.
- موقعي جي مناسبت سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگھي.
- روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ موبائل جو درست استعمال ڪري سگھي

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ۴۷-۴۸-۴۹-۵۰

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ۴۷ تي ڏنل سبق ”آئون آهيان موبائل فون“ کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۸۷ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌايو. ان ڪانپوءِ شاگردن کان بہ جوڙن ۾ هڪ پيرو سبق پڙهايو.
- ٻڌايو تہ اڳ جڏهن موبائل نہ هوندي هئي تہ ماڻهو هڪٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪيئن ڪندا هئا؟ موبائل جي اچڻ سان ڪهڙا فائدا ٿيا؟ موبائل ڪهڙي ڪمپني ۽ سائنسدان ناهيو؟ ڪهڙي سال ۾ موبائل کي سِمارٽ فون بڻايو ويو؟ توهان مان ڪنهن جي گھر ۾ موبائل آهي؟ ان ۾ ڇا ڇا هوندو آهي؟
- زمان: مثال وارا جملا بورڊ تي لکو: زمان جي معنيٰ آهي، وقت يا مهل. يعني فاعل جيڪو بہ ڪم ڪري ٿو اهو ڪنهن مخصوص وقت ۾ ڪري ٿو ۽ ان ڪم جو وقت يا مهل، جيڪو لفظ ڏيکاري ان کي فعل جو زمان سڏيو وڃي ٿو. جمال راند ڪيڏي ٿو(حال). جمال راند ڪيڏي (ماضي). جمال راند ڪيڏندو(مستقبل). سنڌي ٻولي ۾ بنيادي طرح فعل جا ٽي زمان آهن. پهريون موجوده يا هلندڙ وقت، جنهن کي زمان حال چئبو آهي. ٻيو زمان ماضي جيڪو گذريل وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. ٽيون زمان مستقبل جيڪو ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو
- موبائل فون تي ٻارن کي ٽيڪنالاجي جي فائدن بابت وڊيوز ڏيکاري سکيل اهم ڳالهيون پڇا ڪريو.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

١. ماڻهن ٢. ١٩٩٠ع ٣. اوزار

(ب) سوالن جا جواب:

١. مارٽن ڪوپر نالي سائنسدان موٽرولا ڪمپني سان گڏجي موبائل فون ٺاهيو.

٢. ٢٠٠٧ع ۾ موبائل کي سِمارٽ فون بڻايو ويو.

٣. موبائل فون شروع ۾ رڳو ڪال ۽ ميسيج لاءِ ڪئي ويندي هئي.

۴. سال ٢٠٠٧ع ۾ اسٽيو جابز موبائل کي سِمارٽ فون طور متعارف ڪرايو.

(ج) زمان حال، ماضي ۽ مستقبل

| زمان حال | زمان ماضي | زمان مستقبل |
|---|---|---|
| مان لکان ٿو. | مان لکيو. | مان لکندس. |
| سمير کلي ٿو. | سمير کليو. | سمير کِلندو. |
| عاشر ڪتاب پڙهي ٿي. | عاشر ڪتاب پڙهيو. | عاشر ڪتاب پڙهندو. |
| مِنسا گيم کيڏي ٿي. | منسا گيم کيڏي. | مِنسا گيم کيڏندي. |

(د) توهان موبائل ڪڏهن استعمال ڪندا آهيو ٽي جملا لکو.

١. بابا جڏهن ٻي شهر ۾ هوندو آهي ته امان مونکي ان سان ڳالهائڻ لاءِ موبائل فون ڏيندي آهي.

٢. ڪارٽون ڏسڻ لاءِ آئون موبائل فون استعمال ڪندو آهيان پر امان گهڻي موبائل هلائڻ نه ڏيندي آهي.

٣. حسابن ۽ انگريزي جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ به آئون موبائل فون استعمال ڪندو آهيان.

## سرگرمي:

- ٻارن جا ٻه ٽولا ٺاهيو. هڪ ٽولي کي موبائل فون استعمال ڪرڻ جي فائدي وارو موضوع ڏيو ٻي ٽولي يا گروپ کي موبائل فون جي استعمال ڪرڻ جي فائدن بابت موضوع ڏيو. پهريان هو ان بابت تياري ڪري ڪاپيءَ ۾ لکن. تنهن کانپوءِ ڪلاس اڳيان اچي، ٻئين ٽولين پنهنجي پنهنجي موضوع تي ٻڌائين. توهان مثالن ۾ مدد به ڪري سگهون ٿا، جيئن فائدن ۾ ڄاڻ تائين رسائي، ماڻهن سان رابطو وغيره. جڏهن ته گهڻي استعمال سان اکيون خراب ٿيڻ، پڙهائي ۾ ڪمزور ٿيڻ، ذهن تي نقصانڪار اثر وغيره. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ انٽرنيٽ تان ڄاڻ گڏ ڪري سگهو ٿا.
- شاگردن کي چئو ته رستو ڳولڻ جي سرگرمي پينسل جي مدد سان ڪن.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق ارڙهون

## رانڊِ رچايون

### سکيا جي حاصلات:

- هم نصابي سرگرمين دوران ڳالهه ٻولهه ٻڌي سمجهي سگهي.
- هم نصابي سرگرمين بابت گفتگو ڪري سگهي.
- لطيفا، ٽوٽڪا ۽ پروليون ٻڌي، انهن جو مطلب بيان ڪري سگهي.
- ٻاراڻا نظم سُر ۽ لئه سان پڙهي لطف اندوز ٿي سگهي ۽ سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- جملي ۾ ڪم آندل هم معنيٰ لفظ سڃاڻي سگهي.
- ڪنهن به تصوير يا منظر کي ڏسي ان بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ٥١-٥٢-٥٣

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جي صفحي نمبر ٥١ تي ڏنل نظم ”رانڊ رچايون“ کولڻ جي هدايت ڪري.
- (ياد رکو: نون لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٨٧ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- شاگردن کي سبق وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئه سان پڙهي ٻڌايو. شاگردن کان به گڏجي وڏي آواز ۾ بيت پڙهايو.
- رانديون ڇو ضروري آهن؟ انهن سان اسان جي زندگيءَ تي ڪهڙو اثر پئي ٿو؟ هن نظم جو ليکڪ ڪير آهي؟ رانڊ ڪندي ڪهڙي راحت حاصل ٿيندي آهي؟ هن نظم مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
- ٻارن کي ٻڌايو ته محمد رمضان زلفي جو لکيل هي نظم رانڊ جي خوبصورتي، ان جا فائدا، ٻارن جي واڌ ويجهه رانڊ ذريعي بيان ڪري ٿو. رانڊ ۾ ڪهڙيون شيون نه آهن. ٻارن کان سوال پڇو.
- هم معنيٰ لفظ: اُهي لفظ جن جي معنيٰ ساڳي هجي. يعني اهي لفظ جن جي معنيٰ ساڳي يا ويجهي هوندِي آهي، پر لفظ الڳ هوندا آهن. مثال: علم ۽ دانائي، ڏاهپ ۽ عقل. خراب-ڪِنو
- هم نصابي سرگرميون، رانديون، اسڪول کان ٻاهر گهمڻ وڃڻ يا اهڙيون سرگرميون هونديون آهن. توهان ڪهڙيون هم نصابي سرگرميون ڪرڻ پسند ڪندا آهيو؟ هم نصابي سرگرمي ڪڏهن ۽ ڪٿي ڪئي هئي؟

## مشق:

(الف) صحيح ـ غلط

۱. غلط ۲. صحيح ۳. غلط ۴. صحيح

(ب) سوالن جا جواب:

۱. راند ڪرڻ تندرستيءَ جي نشاني آهي.

۲. راند ڪرڻ سان گڏ پريت يعني پيار ۽ علم وڌايون.

۳. راند ۾ روح جي راحت هوندي آهي.

۴. هن نظم مان سبق ملي ٿو ته تندرستي هزار نعمت آهي.

(ج) هم معنيٰ لفظ ـــ سياڻو ـ ڏاهو. ڳڻتي ـ پريشاني. پڇاڙي ـ آخري. سڪون ـ آرام.

(د) راند جي تصوير ڏسو ۽ ان بابت ڪجهه جملا لکو:

هن فوٽو ۾ ٻار راند ڪري رهيا آهن. هو فٽبال سان راند کيڏي رهيا آهن. ٻنهي ٻارن کي شلوار قميض پهريل آهي. ٻنهي کي سنڌي ٽوپي پاتل آهي. هو ميدان تي راند کيڏي رهيا آهن وغيره (ٻارن کي چئو ته هو پنهنجا جملا لکن.)

## سرگرمي:

- ٻارن جون چار ٽوليون ٺاهيو هر هڪ ٽولي کي لطيفا، ٽوٽڪا ٻڌائڻ جو چئو. ٻڌايو ته هي مقابلو آهي، جيڪو شاگرد وڌيڪ لطيفا ٻڌائيندو سڀ ڪان سٺا، ڪل ليارينڊڙ لطيفا ٻڌائيندو تنهن کي شاباس ملندي. مثال: هڪ ماڻهو شخص کان پڇيو ته هي رستو ڪيڏانهن وڃي ٿو تنهن تي شاگرد چيو هي رستو ڪيڏانهن نٿو وڃي اُتي ئي بيٺو آهي.
- شاگردن کي چئو ته رستو ڳولڻ جي سرگرمي پينسل جي مدد سان ڪن.

## سبق اوڻيهون

### رستن تي هلڻ جا قاعدا

### سکيا جي حاصلات:

- گھر ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي، ان جي اهم نڪتن کان واقف ٿي ٻڌائي سگھي.
- عددن جي ترتيب کي سمجھي لکي سگھي.
- سبق پڙهي يا ٻڌي، ان بابت سوالن جا جواب لکي سگھي.
- مختلف زمانن جي سوالي جملن کي هاڪاري ۽ ناڪاري جملن ۾ بدلائي سگھي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ٽيون، صفحو نمبر ۵۴-۵۵-۵۶

### سکيا جو طريقو:

